

جمادی الاخریٰ 1446ھ/ نومبر 2024ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن



# جنت ۾ محل ڏيارڻ واريون نيڪيون

مولانا مُحمد نواز عطّاري مدني

اَلَّذِیْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ فَوْقِهَا غُرَفٌ مَّبْنِیَّةٌۙ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ۬ؕ وَعْدَ اللّٰهِؕ لَا یُخْلِفُ اللّٰهُ الْمِیْعَادَ(۲۰) ترجمو کنز الايمان: پرپنهنجي رب کان ڊڄڻ وارن جي لاءِ بلند محل هن جن جي مٿان (ٻيا) بلند محل ٺهيل آهن. انهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، اهو الله جو واعدو آهي. الله واعدي خلافي ناهي ڪندو.

(پ23،الزمر:20)

اي عاشقانِ رسول! حديثن ۾ ڪيترائي اهڙا عمل بيان ڪيا ويا آهن جن جي ڪري جنت ۾ محل ملڻ جي خوشخبري ڏني وئي آهي. اچو ته اهڙن چند عملن جي باري ۾ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا فرمان پڙهون ٿا:

## (1) مسلمان ڀاءُ کي معاف ڪرڻ:

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مُرڪيا. اَميرُالمؤمنين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! اوهان ڇو مُرڪيا؟ ارشاد فرمايائون: منهنجا ٻه اُمّتي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ گوڏن ڀر ويهي رهندا. هڪ عرض ڪندو: اي رب ڪريم! هن کان مون کي انصاف ڏيار، جو هن مون تي ظلم ڪيو هو، الله پاڪ دعوا ڪندڙ کي فرمائيندو: هاڻي هيءُ ويچارو (يعني جنهن تي دعوا ڪئي وئي آهي اهو) ڇا ڪري، هن وٽ ڪا نيڪي باقي ناهي بچي. مظلوم عرض ڪندو: منهنجا گناهه هن جي ذمي ڪري ڇڏ. ايترو ارشاد فرمائيندي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم روئي ڏنو. فرمايائون: اهو ڏينهن تمام سخت ڏينهن هوندو، ڇو ته ان وقت (يعني قيامت جي ڏينهن) هر ڪو انهيءَ ڳالهه جو محتاج هوندو ته ان جو بار هلڪو ٿئي. الله پاڪ مظلوم کي فرمائيندو: ڏس ته تنهنجي اڳيان ڇا آهي؟ اهو عرض ڪندو: اي رب ڪريم! مان پنهنجي اڳيان سون جا وڏا شهر ۽ وڏا وڏا محل ڏسي رهيو آهيان جيڪي موتين سان سينگاريل آهن. اهي شهر ۽ بهترين محل ڪهڙي پيغمبر، صديق يا شهيد لاءِ آهن؟ الله پاڪ فرمائيندو: هي انهن لاءِ آهن جيڪي ان جي قيمت ادا ڪن. ٻانهو عرض ڪندو: انهن

جي قيمت ڪير ادا ڪري سگهي ٿو؟ الله پاڪ فرمائيندو: تون ادا ڪري سگهين ٿو. هو عرض ڪندو: اهو ڪيئن؟ الله ڪريم فرمائيندو: ان طرح جو تون پنهنجي ڀاءُ جا حق معاف ڪري ڇڏين. ڀانهو عرض ڪندو: اي رب ڪريم! مون سڀ حق معاف ڪري ڇڏيا. الله پاڪ فرمائيندو: پنهنجي ڀاءُ جو هٿ پڪڙ ۽ ٻئي گڏجي جنت ۾ هليا وڃو. پوءِ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ کان ڊڄو ۽ مخلوق ۾ صلح ڪرايو ڇوته ربّ ڪريم به قيامت جي ڏينهن مسلمانن ۾ صلح ڪرائيندو. (مستدرک،795/5،حديث:8758)

## (2) غصو ختم ڪرڻ ۽ درگذر ڪرڻ

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مون معراج جي رات جنت ۾ وڏا محل ڏٺا ته پڇيم: اي جبرائيل! هي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ عرض ڪيائين: انهن لاءِ جيڪي غصو پي ويندا آهن ۽ ماڻهن کي معاف ڪندا آهن.(مسند الفردوس،405/1،حديث:3011)

## (3) ٽن عادتن جي سبب جنت ۾ محل

حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن کي اهو پسند هجي ته سندس لاءِ (جنت ۾) محل ٺاهيو وڃي ۽ سندس درجا بلند ڪيا وڃن ته اُن کي گهرجي ته جيڪو ان تي ظلم ڪري هي ان کي معاف ڪري، جيڪو ان کي محروم ڪري هي ان کي عطا ڪري ۽ جيڪو ان سان تعلق ٽوڙي هي ان سان ناتو جوڙي. (مستدرک للحاکم،12/3،حديث:3215)

پيارا اسلامي ڀائرو! انتقام جو مزو تمام مزيدار لڳندو آهي، پر اسلامي تعليمات جي روشني ۾ اسان جو اهو رويو مناسب ناهي. بدلو وٺڻ، معاف نه ڪرڻ، غصي کي قابو ۾ نه رکڻ، رشتا ناتا ٽوڙڻ انهن سيني شين جي اسلام ۾ حوصلا شڪني ڪئي وئي آهي جيئن ته توهان احاديث مبارڪ پڙهي چڪا آهيو. لهٰذا ماڻهن کي معاف ڪريو، خاص ڪري جڏهن توهان بدلو وٺڻ جي طاقت رکندا هجو، جيڪو توهان جو حق کائي، ان سان به خيرخواهي جو سلوڪ ڪريو. جيڪو توهان کان منهن موڙي، ان سان به ملنساري سان پيش اچو. محبتون ورهايو، سنتون عام ڪريو. الله پاڪ اسان کي اسلامي طريقي مطابق زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# دَارُالۡاِفۡتَاء اَهۡلِسُنَّت

## (1) جادو کان حفاظت جي لاءِ اُن جي هڏي رکڻ کيئن

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ڪجھ ماڻهو هي چوندا آهن ته گهر ۾ اُن جي هڏي رکڻ سان جادو وغيره اثر ناهي ڪندو ته ڇا گهر ۾ اُن جي هڏي ڪي رکي سگهون ٿا؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جادو وغيره جي اثر کان بچڻ جي لاءِ گهر ۾ اُن جي هڏي رکڻ جائز آهي، اُن ۾ شرعاً ڪو حرج ناهي ڇوته هي جادو کان حفاظت جو هڪ ٽوٽڪو آهي ۽ هر اهو ٽوٽڪو جيڪو شريعت مطهره کان ٽڪرائيندو نه هجي، اهو ڪرڻ جائز آهي. پڻ جهڙي طرح دوائن ۾ ڪنهن نقلي دليل جي ضرورت ناهي هوندي، محض تجربو ڪافي هوندو آهي انهي طرح ٽوٽڪن ۾ به ڪنهن نقل جي ضرورت ناهي هوندي، بس ايترو ضرور آهي ته اهو شريعت مطهره جي تعليمات جي خلاف نه هجي.

وَاللهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

مُفتي محمد هاشم عطّاري مدني

## (02) فجر جي جماعت جي دوران سنتن پڙهڻ جو حڪم

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ هڪ شخص ڇئي ٿو ته جڏهن فجر جي نماز ٿي رهي هجي ته فجر جون سنتون نه پڙهڻ گهرجن جو قرآن پاڪ

جي قرات ٻڌڻ فرض هوندو آهي. هن حوالي سان شريعت جي ڇا راهنمائي آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَاب

فقهاءِ ڪرام احاديثِ طيّبہ جي روشني ۾ صحابہ ڪرام جي مبارڪ عمل سان هن حوالي سان جيڪو حڪم بيان فرمايو آهي اهو هي آهي تہ فجر جي جماعت شروع ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڄاڻي ٿو تہ سنتون پڙهڻ کان پوءِ بہ جماعت ملي ويندي تہ پهريان سنتون پڙهي پوءِ جماعت ۾ شامل ٿي پر سنتن جي لاءِ جماعت جي صف ۾ ويهڻ جائز ناهي بلڪ بيرونِ مسجد ڪا پاڪ جڳهہ هجي تہ اُتي پڙهي ۽ هي ممڪن نہ هجي تہ جيڪڏهن اندر جماعت ٿيندي هجي تہ صحن ۾ پڙهي ۽ صحن ۾ هجي تہ اندر پڙهي. ۽ جيڪڏهن ان مسجد ۾ اندر ٻاهر بہ درجا نہ هجن تہ ستون وغيره جي اوٽ ۾ پڙهي جو ان جي ۽ صف جي وچ ۾ ستون حائل ٿي وڃي ۽ اهڙي ڪا جڳهہ نہ ملي تہ پوءِ فجر جي سُنت پڙهي بغير ئي جماعت ۾ شامل ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن سنتن ۾ مشغوليت سان فجر جي جماعت فوت ٿيڻ جو گمان هجي تہ سنتون پڙهڻ جي اجازت ناهي بلڪ اُن ڪي حڪم آهي تہ بغير سُنت پڙهڻ جي فوراً جماعت ۾ شامل ٿي وڃي.

فجر جي نماز کان علاوه ٻين نمازن ۾ اقامت ٿيڻ کان پوءِ جيتوڻيڪ هي معلوم هجي تہ سُنت پڙهڻ کان پوءِ بہ جماعت ملي ويندي پوءِ بہ سنتون پڙهڻ جي اجازت ناهي بلڪ سُنت پڙهڻ بغير فوراً ئي جماعت ۾ شامل ٿيڻ ضروري آهي.

پڻ معترض جو هي چوڻ تہ ”جڏهن فجر جي نماز ٿي رهي هجي تہ فجر جون سنتون نہ پڙهڻ گهرجن جو قرآن پاڪ جي قرائت ٻڌڻ فرض هوندو آهي“ هي بلڪل بہ درست ناهي ۽ ممڪن آهي معترض ڪي هي غلط فهمي ٿي آهي تہ قرآن پاڪ جي آواز جنهن تائين وڃي سيني ڪي ٻڌڻ فرض آهي جڏهن تہ ايئن ناهي چوتہ قرآن پاڪ جي قرات جي وقت جيڪي ماڻهون ٻڌڻ جي ارادي سان هجن انهن تي ٻڌڻ لازم هوندو آهي نہ وري اهي سيئي جن تائين آواز وڃي رهي آهي. ۽ نماز جي جماعت ۾ مقتدي تي اقتداء جي ڪري ٻڌڻ لازم هوندو آهي تہ اُن جي ٻڌڻ سان قرآن پاڪ جو هي حق ادا ٿي ويندو آهي لهٰذا بقيہ ماڻهو جيڪي مقتدي ناهن ۽ ٻڌڻ جي اِرادي سان بہ ناهن وينا تہ اُنهن تي ٻڌڻ لازم ناهي هوندو.

۽ فقهاءِ ڪرام فجر جي جماعت جي دوران صف جي وچ ۾ يا صف جي پويان بنا اوٽ جي سنتون پڙهڻ کان منع جو سبب جماعت جي خلاف ورزي ٻڌائي آهي نہ وري اهو جيڪو معترض بيان ڪيو تہ قرآن پاڪ ٻڌڻ سيني تي فرض آهي لهٰذا اُن شخص جو هي مسئلو اُن تفصيل جي بغير بيان ڪرڻ جيڪو فقهاءِ ڪرام بيان ڪيو آهي ۽ پنهنجي من پسند توجيهہ سان بيان ڪرڻ

هرگز صحيح ناهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3) تحفوڏئي واپس وٺڻ جو حڪم

سوال: علمائنِ ڪرام ڇا فرمائن ٿا هن مسئلي جي باري ۾ ته زيد جي ڪجهه سال اڳ منگڻي ٿي هئي ۽ ان کان پوءِ هو مختلف موقعن تي، جيئن عيد وغيره تي، منگيتر جي خاندان کي نقدي ۽ ڪپڙا وغيره تحفا ڏيندو رهيو. هاڻي منگڻي ٽٽي چڪي آهي، ته انهن تحفن کي واپس وٺڻ جو ڇاحڪم آهي؟ (نوٽ: سائل ٻڌايو آهي ته تحفا ڏيڻ ۽ وٺڻ وارا ٻئي حيات آهن، ۽ انهن تي قبضو به ٿي چڪو هو. ڪجهه تحفا اڃا تائين موجود آهن، ڪجهه ختم ٿي چڪا آهن، ڪجهه ملڪيت کان ٻاهر نڪري چڪا آهن، ۽ ڪجهه تحفن ۾ واڌارو به ٿي چڪو آهي. ۽ انهن تحفن جو بدلو به ناهي ورتو.)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شرعي قانونن جي لحاظ سان منگڻي کان پوءِ هڪ خاندان طرفان ٻئي خاندان کي ڏنل تحفا ۽ ڪپڙا وغيره هبه جي حڪم ۾ اچن ٿا. هبه جو شرعي حڪم اهو آهي ته جيڪڏهن موانع هبه مان ڪو مانع نه پايو وڃي، ته قاضي جي فيصلي يا باهمي رضامندي سان اهي تحفا واپس وٺڻ جو جيتوڻيڪ اختيار هوندو آهي، يعني واپسي درست ٿي سگهي ٿي، پر تحفا واپس وٺڻ مڪروه تحريمي، ناجائز ۽ گناهه آهي. حديث پاڪ ۾ هبه ڏئي ان کي واپس وٺڻ کان منع ڪئي وئي آهي ۽ اهڙي عمل کي ان ڪتي سان تشبيهه ڏني وئي آهي جيڪو قي ڪري پوءِ ان کي چٽيندو آهي.

جيڪڏهن ڪو موانع هبه پايو وڃي مثلاً، ٻنهي مان ڪو هڪ وفات ڪري وڃي يا عيوض (بدلي) ۾ ڪجهه وٺي ورتو يا واڌارو ٿي ويو يا ان جي ملڪيت مان شيءِ نڪري وئي، يا اها شيءِ هلاڪ ٿي وئي يا اهي ٻئي زال مڙس هجن يا جنهن کي تحفو ڏنو اهو ان جو ذي رحم محرم مائٽ هجي، ته اهڙين حالتن ۾ اهي تحفا واپس نٿا ڪري سگهجن.

هن تفصيل کان پوءِ پڇيل صورتحال جو جواب هي آهي ته زيد طرفان منگڻي کان پوءِ جيڪي شيون ٻئي خاندان وارن کي تحفي ۾ ڏنيون ويون هيون ۽ انهن جي طرفان انهن تي قبضو به ڪيو ويو هو، ته انهن مان فقط اهي شيون واپس وٺڻ جو اختيار آهي جيڪي هاڻي تائين انهن جي ملڪيت ۾ موجود آهن ۽ انهن ۾ ڪو به متصل اضافو نه ٿيو آهي، پر واپس وٺڻ مڪروه تحريمي، ناجائز ۽ گناهه آهي، تنهنڪري ان کان بچڻ ئي گهرجي. وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم




# حضرت ضمام بن ثعلبه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ

مولانا عدنان احمد عطاري مدني

صحابيِ رسول حضرت ضمام بن ثعلبه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بهترين اوصاف جا مالڪ هجڻ سان گڏوگڏ سمجهدار به هئا. رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تعريفي ڪلمات ادا ڪندي سندن سمجهداريءَ تي مُهر لڳائي. (زرقاني علي المواهب، 199/5). پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪا به ڳالهه ڳجهي نه رکندا هئا، جيڪا ڳالهه ڪرڻي يا پڇڻي هوندي هئي ته صاف ۽ واضح لفظن ۾ پڇندا هئا. سندن ڪلام مختصر ۽ جامع هوندو هو. ايستائين جو حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي زبانِ حق مان هي ڪلمات نڪتا: مون حضرت ضمام بن ثعلبه کان وڌيڪ مختصر ۽ بهترين انداز ۾ سوال ڪندڙ ڪنهن کي نه ڏٺو. (معجم الصحابه للبغوي، 402/3). پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ حق کي قبول ڪندڙ به هئا جو جڏهن حق واضح ٿي ويندو هو ته ان کي قبول ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا هئا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ اَمين به هئا جيڪي ڳالهيون رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌيون اهي ئي ڳالهيون پنهنجي قوم تائين پهچايون. سندن همت ۽ اصلاح جو جذبو رکڻ وارا مبلغ به هئا جو قوم کين ديڄاريو ۽ ڌمڪايو پر سندن انهن جي ڌمڪين جي پرواهه نه ڪئي ۽ نيڪيءَ جي دعوت جاري رکي ايستائين جو سڄو قبيلو مسلمان ٿي ويو ۽ اتي اسلام جو جهنڊو ڦڙڪڻ لڳو. برڪتن کان مالامال حضرت ضمام بن ثعلبه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي باري ۾ حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُمَا جو فرمان آهي: اسان ڪنهن به قوم جي قاصد جي باري ۾ ناهي ٻڌو ته اهو حضرت ضمام بن ثعلبه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان افضل هجي. (دلائل النبوة للبيهقي، 377/5) هڪ قول جي مطابق ائين فرمايو: اسان ڪنهن به قوم جي قاصد جي باري ۾ ناهي ٻڌو ته ان حضرت ضمام بن ثعلبه جي باري ۾ ڪا ناپسنديده ڳالهه ڪئي هجي.

**بارگاهِ رسالت ۾:** سن 9 هجري ۾ (زرقاني علي المواهب، 193/5) قبيلي بنو سعد حضرت ضمام بن ثعلبه کي پنهنجو قاصد بڻائي بارگاهِ رسالت ۾ موڪليو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ مسجدِ نبوي شريف جي دروازي تي پنهنجي اُٺ کي ويهاري رسيءَ سان ٻڌي مسجد ۾ داخل ٿيا، ان وقت حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابه ڪرام

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم جي وچ ۾ جلوه افروز هئا. (دلائل النبوة للبيهقي، 374/5) پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پڇيائون: حضرت عبدالمطلب جو پُٽ ڪير آهي؟ صحابہ ڪرام ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايو: هي ٽيڪ لڳائي وينا آهن ڳاڙهي ۽ اڇي رنگت وارا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو اچي چوڻ لڳا: (سبل الهدى والرشاد، 353/6) مون ڪي اوهان کان ڪجهه سوال ڪرڻا آهن، لهجو سخت ٿي وڃي ته اوهان دل ۾ بُرو نه سمجهجو. ٻنهي جهانن جي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مان دل ۾ بُرو محسوس نه ڪندس، جيڪو چاهيو سوال ڪيو! (دلائل النبوة للبيهقي، 374/5).

سوال: آسمان ڪي ڪنهن پيدا ڪيو؟ ارشاد فرمايو: الله پاڪ ! سوال: زمين ڪي ڪنهن پيدا ڪيو؟ فرمايو: الله پاڪ! سوال: انهن جبلن ڪي ڪنهن بيهاريو ۽ انهن ۾ فائدي واريون لڪيل شيون ڪنهن رکيون؟ فرمايو: الله پاڪ! (سبل الهدى والرشاد، 353/6)
سوال: مان الله جو قسم ڏئي پڇان ٿو! ڇا الله اوهان ڪي اسان ڏانهن رسول بڻائي موڪليو آهي؟ فرمايو: ها! سوال: مان الله جو قسم ڏئي پڇان ٿو! ڇا الله پاڪ اوهان ڪي حڪم ڏنو آهي ته الله سان گڏ عبادت ۾ ڪنهن ڪي شريڪ نه ڪيو وڃي؟ فرمايو: ها! (دلائل النبوة للبيهقي، 374/5) سوال: اوهان ڪي اوهان جي رب ۽ اوهان کان اڳي وارن جي رب جو قسم ڏئي پڇان ٿو! ڇا الله پاڪ اوهان ڪي سڀني ماڻهن ڏانهن مبعوث فرمايو آهي؟ فرمايائين: هائو! سوال: مان الله جو قسم ڏئي پڇان ٿو! ڇا الله پاڪ اوهان ڪي حڪم ڏنو آهي ته اسان ڏينهن رات ۾ پنج وقت جي نماز پڙهون؟ فرمايو: ها! (بخاري، 39/1، حديث: 63)
سوال: مان الله جو قسم ڏئي پڇان ٿو! ڇا الله پاڪ اوهان ڪي حڪم ڏنو آهي ته اسان رمضان جي مهيني ۾ روزا رکون؟ فرمايو: ها! (معجم الصحابہ للبغوى، 402/3) سوال: مان الله جو قسم ڏئي پڇان ٿو! ڇا الله توهان ڪي حڪم ڏنو آهي ته توهان اسان جي مالدارن کان صدقو وٺو ۽ اسان جي غريب ماڻهن ۾ ان ڪي ورهايو؟ فرمايائين: ها!
(بخاري، 39/1، حديث: 63)

سوال: مان الله جو قسم ڏئي پڇان ٿو! ڇا الله اوهان ڪي حڪم ڏنو آهي ته اسان مان جيڪو بيت الله جو حج ڪرڻ جي طاقت رکندو آهي، اهو حج ڪري؟ جواب: ها! (معجم الصحابة للبغوي، 402/3)

آخر ۾ حضرت ضمام بن ثعلبہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چوڻ لڳا: مان اوهان جي دين تي ايمان آڻيان ٿو. مان پنهنجي قوم بنو سعد جي طرفان هڪ قاصد آهيان، منهنجو نالو ضمام بن ثعلبہ آهي. (بخاري، 39/1، حديث: 63)

هڪ روايت ۾ آهي ته رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم نماز، روزو، زڪوات ۽ حج جي باري ۾ جواب ڏيڻ کان پوءِ اسلام ۾ حرام ڪيل شين ڪي بيان ڪيو.

(استيعاب، 305/2) ته حضرت ضمام بن ثعلبہ عرض ڪيو: انهن بُرين ڳالهين کان اسان ته پهريان ئي بچندا آهيون، (معجم الصحابة للبغوي، 402/3) پوءِ ڪلمو شهادت پڙهي ڪري چيو: مان اُهو ئي ڪندس جنهن جو توهان مون کي حڪم ڏنو آهي ۽ انهن ڳالهين (جي بيان ڪرڻ ۾) نه گهٽتائي ڪندس ۽ نه (پنهنجي طرفان) ڪا واڌ ڪندس، (استيعاب، 305/2) پاڻ جڏهن واپس وڃڻ لڳا ته رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سمجهدار مرد آهي. (سيرت حلبية، 309/3)

هڪ روايت مطابق پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن هن ٻن زلفن واري سچ چيو آهي ته اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (استيعاب، 305/2)

حضرت ضمام بن ثعلبہ پنهنجي اُٺ وٽ آيا، ان جي رسي کولي ۽ سوار ٿي پنهنجي قوم ڏانهن واپس هليا ويا.

**قبيلي ۾ واپسي تي:** جڏهن قبيلي پهتا ته سيئي ماڻهو سندن ويجهو گڏ ٿي ويا ۽ پڇڻ لڳا: اي ضمام! اُتي ڇا ٿيو؟ پاڻ پنهنجي قوم جي ڪوڙي معبودن لات ۽ عزيٰ کي سخت جملا چوڻ شروع ڪيا. اهو ڏسي قوم چوڻ لڳي: انهن کي بُرو نه چئو! پنهنجو پاڻ کي ڪوڙهه، جذام ۽ جنون کان بچايو (ڪٿي ائين نه ٿئي جو اهي معبود بُرو چوڻ جي ڪري توکي انهن بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏين). پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمايائون: توهان جو بُرو حال ٿي! توهان رڳو باطل تي آهيو. الله جو قسم! اهي نه توهان کي نقصان پهچائي سگهن ٿا ۽ نه ڪو فائدو ڏئي سگهن ٿا. بيشڪ الله پاڪ هڪ رسول، ٻنهي جهانن جي هادي کي موڪليو آهي ۽ هڪ دين کي لازم ڪري ڇڏيو آهي مان توهان وٽ انهيءَ ٻنهي جهانن جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديني حڪمن کي کڻي آيو آهيان. (مسند بزار، 386/11)

الله پاڪ پنهنجي ٻنهي جهانن جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ ڪتاب نازل ڪيو آهي. توهان جن بُراين ۾ مبتلا آهيو، ٻنهي جهانن جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان کي انهن کان بچائڻ چاهين ٿا. مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله جا ٻانها ۽ سندس رسول آهن. مان توهان وٽ انهن جي ئي طرفان اهي احڪام کڻي آيو آهيان جن جو انهن حڪم ڏنو آهي ۽ جن ڳالهين کان روڪيو آهي. راوي چون ٿا: الله جو قسم! ان ڏينهن جي شام گذري به نه هئي ته هر مرد ۽ عورت مسلمان ٿي چڪا هئا. (مستدرڪ، 600/3، حديث: 4437)

پوءِ انهن ماڻهن پنهنجي قبيلي ۾ مسجدون ناهيون ۽ نماز لاءِ اَذانون ڏيڻ شروع ڪيون. (سيرت ابن ڪثير، 118/4) جڏهن ڪنهن ڳالهه ۾ اختلاف ٿيندو هو ته هڪ ٻئي کي چوندا هئا: پنهنجي قاصد (حضرت ضمام) جي ڳالهه کي مضبوط پڪڙي رکو. (الاكتفاء للحميرى، 606/1) حضرت ضمام بن ثعلبہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي وفات جي تاريخ تاريخي ڪتاب ۾ ناهي لکيل.(زرقانى على المواهب، 199/5)





# تنگدستن (غريبن) تي آساني ڪيو

مولانا ابورجب محمد آصف عطّاري مدني

مسلم شريف ۾ آهي: خاتَمُ النّبيّن جنابِ رحمة اللعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ يَسَّرَ عَلٰى مُعْسِرٍ يَسَّرَ اللهُ عَلَيْهِ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ۔ (مسلم، ص1110، حديث: 6853)

لفظي ترجمو: مَنْ يَسَّرَ۔ جيڪو آساني پيدا ڪري، عَلٰى مُعْسِرٍ۔ تنگي واري تي، يَسَّرَ اللهُ عَلَيْهِ آساني ڏيندو الله ان کي فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ دنيا ۽ آخرت ۾.

بامحاورو ترجمو: جيڪو ڪنهن تنگدست(غريب) جي لاءِ آساني پيدا ڪندو، الله پاڪ ان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ آساني پيدا ڪندو.

## حديث جي شرح

هن حديث پاڪ ۾ بنيادي طور تي ٻن ڳالهين جو بيان آهي:

(1) تنگدست جي لاءِ آساني پيدا ڪرڻ جو

(2) آساني پيدا ڪرڻ واري کي ملڻ واري انعام جو

اسان انهن ٻنهي کي الڳ الڳ تفصيل سان بيان ڪيون ٿا.

تنگدست (Tight fisted) مان مراد اهو شخص آهي جيڪو قرض جي ادائيگي يا پنهنجي غريبي وغيره جي ڪري پريشان هجي، علامہ عبدالرؤف مناوي، علامہ ملّا علي قاري ۽ ٻين شارحين رَحِمَهُمَا اللّٰهُ تَعَالٰى تنگدست ۾ مسلم ۽ غير مسلم ٻنهي کي شامل ڪيو آهي. (ديکھئے: فيض القدير شرح جامع صغير، 316/6، تحت الحديث:9108، مرقاة المفاتيح، 454/1، مرأة المناجيح، 189/1)

## آساني پيدا ڪرڻ جون ٽي صورتون

آساني پيدا ڪرڻ جون 3 صورتون تي سگهن ٿيون:

(1) مقروض ٻہ قسم جا ٿي سگهن ٿا، هڪ اهو جنهن کي توهان جو قرضو ڏيڻو آهي ۽ ٻيو اهو جنهن کي ڪنهن ٻئي جو قرضو ڏيڻو آهي.

جيڪڏهن ڪنهن کي توهان جو قرضو ڏيڻو آهي تہ قرض جي ادائيگي جي تاريخ اچڻ باوجود مهلت ڏئي ڇڏيو، جيڪڏهن رقم وڏي آهي تہ ان جي سهولت مطابق ان کي قسطن ۾ ورهائي ڇڏيو، يا وري ان جو سڄو

يا ٿورو قرضو معاف ڪري ڇڏيو. (مرقات المفاتيح، 454/1) اهڙي عمل سان مقروض جي زندگي ڪيتري آسان ٿي ويندي ۽ هو ڪيترو ٽينشن فري ٿي ويندو، ان جو اندازو ڪرڻو هجي ته پاڻ کي مقروض جي جاءِ تي رکي ڏسو.

## قرآني ترغيب

تنگدست کي مهلت ڏيڻ بابت قرآنِ ڪريم ۾ آهي: وَاِنْ كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ؕ وَاَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۸۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن قرضدار تنگدست هجي ته ان کي آساني تائين مهلت ڏيو ۽ توهان جو قرض کي صدقو ڪرڻ توهان جي لاءِ سڀ کان بهتر آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو. (پ3، البقرة: 280)

صدر الافاضل حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن قرضدار تنگدست يا نادار آهي ته ان کي مهلت ڏيڻ يا قرض جو ڪجهه حصو يا سمورو معاف ڪرڻ وڏي اَجر جو سبب آهي.

## عرش جي ڇانوَ ملندي

توهان کي هن عمل جي بدلي ۾ بيٖن فضيلتن سان گڏ ميدان محشر جي تپندڙ اُس ۾ ڪيئن راحت ملندي! ان جي لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمان پڙهو: جيڪو ڪنهن تنگدست کي مهلت ڏئي يا ان جو قرض معاف ڪري ته الله تعالىٰ ان کي ان ڏينهن عرش جي ڇانوَ ۾ جاءِ عطا فرمائيندو جنهن ڏينهن عرش جي ڇانوَ ڪانسواءِ ٻي ڪا ڇانوَ نه هوندي. (ترمذی، 3/ 52، حديث:1310)

## مقروض تي نرمي ڪرڻ وارو بخشيو ويو:

رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ شخص ڪڏهن ڪو نيڪ عمل نه ڪيو هو، البتہ! هو ماڻهن کي قرض ڏيندو هو ۽ پنهنجي نوڪرن کي چئي ڇڏيندو هو: جيڪڏهن قرضدار خوشحال هجي ته ان کان قرض وصول ڪري وٺو، ۽ جيڪڏهن تنگدست هجي ته قرض نه وٺو، اي ڪاش! اسان جو ربّ به اسان سان درگذر ڪري. جڏهن ان شخص جو انتقال ٿيو، ته الله پاڪ ڪانئس پڇيو: ڇا تو ڪڏهن ڪو نيڪ عمل ڪيو؟ هن عرض ڪيو: نه، پر مان ماڻهن کي قرض ڏيندو هيس ۽ جڏهن پنهنجن خادمن کي قرض وصول ڪرڻ لاءِ موڪليندو هيس، ته انهن کي چوندو هيس ته خوشحال کان قرض وٺجو پر تنگدست کان نه وٺجو بلڪ ان کان درگز ڪجو، شايد الله پاڪ اسان سان به درگذر ڪري. الله پاڪ فرمايو: مون توکي بخشي ڇڏيو. (مسند امام احمد، 285/3، حديث:8738)

## سڄو قرض معاف ڪري ڇڏيو

حضرت سيدنا شقيق بلخي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان حضرت امام اعظم امام ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان گڏجي وڃي رهيو هيس ته هڪ ماڻهو سندن کي ڏسي لڪي ويو ۽ ٻيو رستو اختيار ڪري ورتو. جڏهن امام اعظم امام ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي معلوم ٿيو ته سندن هن کي سڏيائون، اهو آيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پڇيو: تو رستو ڇو تبديل ڪيو؟ ۽ ڇو لڪي وئين؟ هن عرض ڪيو: مان اوهان جو مقروض آهيان، مون کي اوهان کي ڏهه هزار درهم ڏيڻا آهن، جنهن کي ڪافي عرصو ٿي ويو آهي ۽ مان تنگدست آهيان، توهان کان شرم محسوس ڪريان ٿو. امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: سُبْحٰنَ اللّٰه! منهنجي ڪري تنهنجي اها حالت ٿي آهي، وڃ! مون سڄو قرض توکي معاف ڪري ڇڏيو. مون پنهنجو پاڻ کي پنهنجي نفس تي گواهه ڪري ڇڏيو. هاڻي آئنده مون کان نه لڪجانءِ ۽ ٻڌ جيڪو خوف تنهنجي دل ۾ منهنجي ڪري پيدا ٿيو، اهو به مون کي معاف ڪر.

(مناقب الامام الاعظم ابی حنیفہ، ج1، ص 260)

قارئين! ٻي قسم جو مقروض هي آهي جنهن کي ڪنهن ٻئي جو قرض ادا ڪرڻو آهي. ان صورت ۾ توهان هن کي هن طرح سان آساني ڏئي سگهو ٿا ته ان جو قرض مڪمل يا ڪجهه حصو ادا ڪيو (جهڙوڪ پاڙي جي ريزڪي يا کير ۽ ڏهي جي دڪان تي ان جو حساب معلوم ڪري ڪليئر ڪرائي ڇڏيو) يا قرض ڏيندڙ کان ان جون قسطون نهرائي ادائيگي پنهنجي ذمّي وٺو. جيڪڏهن توهان انهن مان ڪجهه به نٿا ڪري سگهو ته گهٽ ۾ گهٽ قرض ڏيڻ واري کان مقروض لاءِ اهڙين آسانين جي فراهمي جي سفارش ئي ڪيو. (ديکهئے: فيض القدير شرح جامع صغير، 316/6، تحت الحديث:9108)

(2) غريبن کي آساني هن ريت فراهم ڪري سگهجي ٿي ته ان جي غربت جو سبب دور ڪيو وڃي. مثال طور، جيڪڏهن اهو بي روزگار آهي ته ان کي نوڪري ڏياريو، يا ان جي صلاحيتن جي مطابق ننڍو ڪاروبار، جهڙوڪ فروٽ جو ريڙهو، برگر يا چپس جي ڪيبن وغيره شروع ڪرائي ڇڏيو، ته جيئن ان کي فوري سهولت ملي سگهي. توهان جي ٿوري توجهه ان کي غربت کان ٻاهر نڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي.

(3) سيلاب، زلزلي يا باهه لڳڻ سبب پريشان ماڻهن کي مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ ڪنهن سهاري جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي وس آهر انهن جو سهارو بڻجي وڃو ته اِن شاءَ الله دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون توهان جو نصيب ٿينديون.

## FGRF

فلاحي ۽ ڀلائي جي ڪمن لاءِ دعوتِ اسلامي جو هڪ اهم شعبو آهي، جنهن جي ماهر ٽيم بيماري، غربت، بيروزگاري، قدرتي آفتن ۽ بحرانن کان نجات ڏيارڻ لاءِ

سرگرم آهي. FGRF جو وسيع نيٽ ورڪ 65 کان وڌيڪ ملڪن ۾ ڦهليل آهي. توهان به FGRF جي ڪم ۾ مالي ۽ عملي مدد فراهم ڪري، ماڻهن کي آساني ڏئي ثواب حاصل ڪري سگهو ٿا.

FGRF جي خدمتن جي تفصيل دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ dawateislami.net تي ڏسي سگهجي ٿي.

## آساني پيدا ڪندڙ کي ملڻ وارو انعام

مضمون جي شروع ۾ لکيل حديث پاڪ ۾ آساني پيدا ڪندڙ جو انعام اهو بيان ٿيو آهي ته الله پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ ان لاءِ آساني پيدا ڪندو. ڪهڙيون ڪهڙيون آسانيون ملي سگهن ٿيون؟ ان جو بيان امام مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيو آهي ته دنيا ۾ ان جو رزق وسيع ٿي ويندو، مشڪلاتن ۾ ان جي حفاظت ٿيندي، ۽ ان کي نيڪ ڪمن ۾ مدد ملندي. آخرت ۾ ان جو حساب آسان ٿيندو، عذاب کان نجات جي خوشخبري ملندي ۽ ان کان علاوه به اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هو ڪيترن ئي قسمن جو شرف حاصل ڪندو. (ڏيکھئے: فيض القدير شرح جامع صغير، 316/6، تحت الحديث:9108)

## آخري ڳالهه

هن فرمانِ رسول تي عمل ڪرڻ جي لاءِ اسان کي شايد گهڻي مشقت نه ڪٽڻي پئي، پر انعام وڏو آهي، ان ڪري اَڄ ۽ هاڻي کان ئي عمل شروع ڪري ڇڏڻ گهرجي. پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرايو، شايد ڪو تنگدست آساني چاهي ٿو، اوهان ان کي آساني ڏيئي هي فضيلت حاصل ڪريو. الله پاڪ اسان کي اسلامي تعليمات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# گھر ٽُٽڻ کان ڪيئن بچايون؟

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوري جا نگران مولانا محمد عمران عطّاري

دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوري جا نگران حاجي محمد عمران عطاري مختلف مقامن تي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ اصلاح ۽ تربيت تي مشتمل بيان ۽ مدني چينل جي سلسلن جي ذريعي اخلاقي، اصلاحي، اعتقادي، روحاني معاشي ۽ معاشرتي معاملن ۽ مسئلن جو حل ارشاد فرمائيندا آهن. درج ذيل ۾ سندن گفتگو مان ورتل 16 اهم نڪات ملاحظ ڪيو:

**(1)** بغير ڪنهن شرعي سبب جي طلاق ڏيڻ اسلام ۾ سخت ناپسند آهي، جيئن حديث پاڪ ۾ بيان ٿيل آهي: اَبْغَضُ الْحَلَالِ اِلَى اللهِ تَعَالَى الطَّلَاقُ يعني حلال شين ۾ خدا جي ويجهو وڌيڪ ناپسنديده طلاق آهي. (ابو داؤد،2/370، حديث:2178) جڏهن ته طلاق جا ڪوڙ معاشرتي نقصان ان کان علاوه آهن. لهٰذا حتي الامڪان طلاق ڏيڻ کان بچڻ گهرجي.

**(2)** جيڪڏهن مڙس ۽ زال جي وچ ۾ رنجشون ٿي پون ته تعلقات کي بهتر بڻائڻ لاءِ دين اسلام جي هدايتن تي عمل ڪندي پاڻ ۾ صلح جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان جو طريقو اهو آهي ته جيڪڏهن زال جي طرف کان ڪو نامناسب رويو آهي ته مڙس زال کي چڱيءَ طرح سمجهائي، جيڪڏهن ان طريقي سان معاملو حل نه ٿئي ته پوءِ زال کان بسترو ڪجهه ڏينهن جي لاءِ الڳ ڪري ڇڏي ۽ مقصد اهو هجي ته طلاق جي نتيجي ۾ گذاري ويندڙ زندگي جو هڪ نمونو (عورت جي) سامهون اچي ويندو، جنهن سان ان کي ڪجهه احساس ٿيندو ۽ قوي امڪان آهي ته ان مان سبق حاصل ڪري بئي پاڻ ۾ صلح ڪري ڇڏين.

**(3)** جيڪڏهن ائين به صلح نه ٿي سگهي ته پوءِ پنجين سيپاري، سورت النساء جي

آيت نمبر 35 جي هدايت مطابق ٻنهي پاسن کان عقلمند ۽ معاملو سمجهڻ وارن ماڻهن کي منصف (فيصلو ڪندڙ) ٺاهيو وڃي ته جيئن اهي انهن ۾ صلح ڪرائي سگهن، جيڪڏهن اهي صلح ڪرائڻ وارا ماڻهو سٺي نيت ۽ حڪمت ڀريي انداز ۾ ڪوشش ڪندا ته الله پاڪ مڙس زال جي وچ ۾ اتفاق پيدا فرمائي ڇڏيندو.

**(4)** ياد رکو! مڙس زال جي جهيڙي جو حل اهو ناهي ته فوراً طلاق ڏئي معاملو ختم ڪيو وڃي، ۽ پوءِ پڇتاءُ ڪانسواءِ ڪجهه به هٿ نه اچي. البت جيڪڏهن پاڻ ۾ تعلقات جي خرابي ان حد تائين پهچي وڃي جو مڙس زال هي سمجهن تا ته هاڻي هڪ ٻئي جا شرعي حق ادا نه ڪري سگهندا ۽ طلاق ئي ان جو آخري حل آهي ته پوءِ مڙس اسلام جي ٻڌايل طريقي مطابق طلاق ڏئي، جيئن ته "بهارِ شريعت" ۾ ان جي تفصيل موجود آهي.

**(5)** طلاق جو بنيادي سبب مڙس زال جي وچ ۾ ذهني هم آهنگي جو فقدان آهي، هڪ ٻئي تي اعتماد جي گهٽتائي، هڪ ٻئي جا حق ادا ڪرڻ ۾ گهٽتائي ۽ هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ جي ڪمي آهي.

**(6)** مڙس ۽ زال جي وچ ۾ ڪو ٽيون شخص ان وقت ئي لڙائي جهيڙو ۽ جدائي ڪرائيندو آهي جڏهن ٻنهي ۾ اختلاف هوندو آهي، جيڪڏهن ٻنهي ۾ اتفاق هجي ته ڪو انهن کي ڪيئن جدا ڪرائي سگهي ٿو؟

**(7)** مڙس زال ۾ موجود خراب عادت جوتي ۾ لڳل ڪوڪي وانگر هوندي آهي جيڪا تڪليف ڏيندي آهي. هاڻي ڪوڪي وارو جوتو پائي ڪيئن هلي سگهجي ٿو؟ لهٰذا جيڪڏهن ٻنهي کي گڏ هلڻو آهي ته ان ڪوڪي يعني خراب عادت کي ڪيڍڻو پوندو.

**(8)** گهر جتي فرائض ۽ واجبات (يعني حقوق) ادا ڪرڻ سان هلندو آهي اُتي ان سان گڏ عرف ۽ عادت ۽ معاشرتي ۽ اخلاقي ذميوارين کي پورو ڪرڻ سان به هلندو آهي.

**(9)** جيڪڏهن مڙس زال شڪ ڪندي هڪ ٻئي جو موبائل چيڪ ڪندا آهن ته ان طريقي سان اعتماد ختم ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ هڪٻئي ۾ دوريون پيدا ٿي وينديون آهن. گهر هلائڻ لاءِ اعتماد هڪ بنيادي سِرَ جو ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ جڏهن اعتماد ئي نه رهي ته گهر ڪيئن هلي سگهندو.

**(10)** جيڪڏهن مڙس زال مان ڪنهن سان ڪا غلطي ٿي وڃي ته پنهنجي غلطي کي مڃڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي غصو اچي ته ٻئي کي خاموش رهڻ گهرجي. جيڪڏهن هر روز بحث مباحثو ڪندا رهندا ته هڪ ڏينهن نوبت طلاق تائين پهچي سگهي ٿي.

**(11)** (والدين کي گهرجي ته) جڏهن ڇوڪريءَ کي رخصت ڪيو ته مڪمل طور تي رخصت ڪيو ۽ انهن ٻنهي زال مڙسن جي معاملن ۾ بيجا مداخلت نه ڪيو، روزانو

ڪال ڪري ڏيءُ جي گهر جا حالات معلوم نہ ڪيو ۽ ڏيءُ کي بہ گهرجي تہ پنهنجي ماءُ کي پنهنجي ساهرن جون خبرون نہ ڏي جو ان سان گهر ٽٽڻ کان بچيل رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰہُ.

**(12)** ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ ٻنهي جي والدين کي انصاف سان ڪم وٺڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڇوڪريءَ جي غلطي آهي تہ والدين ان کي سمجهائين تہ ڌيءَ غلطي تنهنجي آهي جيڪڏهن غلطي ڇوڪري جي هجي تہ ان جا والدين بہ ان کي تسليم ڪن ۽ ڇوڪري کي سمجهائين، فرض ڪيو جيڪڏهن انهن ٻنهي ۾ صلح نہ ٿي تہ پوءِ بہ توهان کي انصاف جو ثواب ضرور ملندو.

**(13)** ڇوڪريءَ جي پنهنجي سَسُ سُهري سان نٽي ٺڳي يا ڇوڪري جي پنهنجي سَسُ سُهري سان لڙائي ٿي وئي ۽ ڇوڪري پنهنجي ماءُ پيءُ جي گهر هلي وڃي تہ ٻنهي جي والدين کي گهرجي تہ هاڻي پنهنجي انا جو مسئلو نہ ٺاهين تہ جيستائين ڇوڪرو يا ڇوڪري پنهنجي سَسُ سُهري سان معافي نہ گهرندا تہ ٻئي نٽا ملي سگهن بلڪ پنهنجي انا کي فنا ڪري ڇڏين ۽ درگذر کان ڪم وٺن.

**(14)** ڇوڪري ڇوڪريءَ جي وچ ۾ جهڳڙو ٿيڻ جي صورت ۾ ڇوڪرِي پنهنجي گهر هلي وئي تہ هاڻي ٻنهي جي والدين کي گهرجي تہ انهن کي ملائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن جو ٻنهي جي سامهون انهن جي چڱين عادتن جو ذڪر ڪن جو هن طرح بہ ٻنهي کي هڪٻئي جي اهميت جي خبر پوندي ۽ ٿي سگهي ٿو ٻنهي ۾ صلح ٿي وڃي.

**(15)** جيڪڏهن ڪاوڙ، ضد ۽ بحث سان بچي وڃون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْكَرِيْم! اسان جو گهر ٽٽندو نہ بلڪ آباد رهندو.

**(16)** جيڪڏهن اوهان صاحبِ اولاد آهيو ۽ اوهان جي وچ ۾ رنجش آهي تہ اوهان زال مڙس هي سوچي ڪري صلح ڪيو تہ والدين تہ پنهنجي اولاد جي خاطر ڪيتريون قربانيون ڏيندا آهن اسان پنهنجي اولاد جي لاءِ پنهنجا معاملات ڇو نٽا حل ڪيون، نہ تہ ياد رکو! والدين جي جُدائي ۾ اولاد جي زندگي برباد ٿي ويندي آهي.

اللّٰہ ڪريم هر مسلمان کي پنهنجي گهر ۾ آباد رکي ۽ گهر ٽٽڻ کان بچائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم




(1) پالتو(پاليل) جانور سارسنڀال ۾ ڪوتاهي جي ڪري مري وڃي تہ؟

سوال: جيڪڏهن پاليل پکي يا جانور سار سنڀال ۾ ڪوتاهيءَ سبب مري وڃن تہ ان جو ڇا ڪفارو آهي؟

جواب: سارسنڀال ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو ڇو تہ ان(شخص) انهن تي ظلم ڪيو آهي، تنهنڪري ان کي گهرجي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سچي توبہ ڪري، ان تي ڪفارو ناهي.

(مدني مذاڪرو، 20 ربيع الآخر شريف 1445ھ)

(2) نماز ۾ ڪِل اچي وڃي تہ ڇا ڪجي؟

سوال: نماز ۾ جڏهن کو خيال اچي يا اهڙي حالت بڻجي وڃي جنهنڪري ماڻهو کِلڻ تي مجبور ٿي وڃي ۽ کِلڻ تي ڪنٽرول نہ ٿي رهيو هجي تہ ڇا ان صورت ۾ نماز ٽوڙي سگهجي ٿي؟

جواب: نماز ٽوڙڻ جي اجازت ناهي بلڪ کِل روڪڻ جي تاڪيد آهي تہ کِلَ روڪي. جيڪڏهن بالغ کي جاڳندي ۾ رڪوع سجدي واري نماز ۾ ايتري آواز سان کِل اچي وئي جو پر وارا ٻڌن تہ وضو بہ ٽٽو ۽ نماز بہ ٽٽي وئي.[1]

(ديکھئے: بہار شریعت، 308/1- مدنی مذاکرہ، 30 جُمادَی الاُخریٰ 1444ھ)

(3) اسلام جي مفتيہ

سوال: ڇا اسلامي ڀينرون مفتيہ بڻجي سگهن ٿيون؟ ڇا اسلام ۾ ڪا مفتيہ آهي؟

جواب: ها، بلڪل بڻجي سگهن ٿيون، ۽ اسلام ۾ اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا هڪ تمام وڏيون مفتيہ هيون. اسلامي ڀينرن کي بہ مفتيہ بڻجڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن نہ بہ بڻجي سگهيون تہ علمِ دين تمام گهڻو حاصل ٿي ويندو. دعوت اسلامي جي تحت هلندڙ جامعةالمدينہ (گرلز) ۾ بہ

---

1 بهارِ شريعت ۾ لکيل آهي: جيڪڏهن ايتري آواز سان کليو جو پاڻ ٻڌو پر پر وارن نہ ٻڌو تہ وضو نہ ٽٽندو نماز ٽٽي پوندي. جيڪڏهن مسڪرائيندي فقط ڏند نظر آيا ۽ بالڪل کو آواز نہ نڪتو تہ نہ نماز ٽٽندي ۽ نہ وضو ٽٽندو.

اسلامي ڀينرن کي تخصص في الفقہ (يعني مفتيہ ڪورس) ڪرايو ويندو آهي.

(مدني مذاڪرو، 13 رجب شريف 1444ھ)

(4) ڇا گذريل اُمتن کان قبر جا سوالات ٿيندا هئا؟

سوال: ڇا گذريل امتن کان بہ قبر جا سوال ٿيندا هئا، جيڪڏهن ٿيندا هئا تہ ڪهڙا سوال ٿيندا هئا؟

جواب: گذريل امتن جي متعلق قبر جا سوال ٿيڻ جي باري ۾ عالمن جو اختلاف آهي، فتاويٰ فقيہ ملت، جلد 1، صفحو نمبر 280 تي آهي: گذريل امتن کان قبر جي سوالن بابت اختلاف آهي، علامہ ابن عابدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تحرير فرمايو آهي تہ گذريل امتن کان قبر ۾ سوال ٿيندو ئي نہ هو، جيئن رد المحتار، جلد 1، صفحو نمبر 572 تي لکيل آهي: "اَنَّ الرَّاجِحَ اَيْضًا اِخْتِصَاصُ السُّؤَالِ بِهَذِهِ الْاُمَّةِ" يعني راجح (يعني وڌيڪ مضبوط) ڳالهہ اها آهي تہ قبر جا سوال بہ هن امت (يعني امتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي خاصيتن مان آهن. بعض عالمن جي نظر ۾ گذريل امتن کان قبر ۾ رب جي وحدانيت (يعني اللّٰه پاڪ جي هڪ هجڻ) بابت سوال ڪيو ويندو هو.

(مدني مذاڪرو، 13 رجب شريف 1444ھ)

(5) قبر تي ٻوٽو لڳائڻ ڪيئن؟

سوال: قبر تي ٻوٽو لڳائڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: قبر تي ننڍا ٻوٽا لڳائي سگهجن ٿا پر ان سبب قبر کي ٽوڙيو نہ وڃي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سٺي نيت سان لڳائيندا تہ ثواب ملندو. نيت اها هجي تہ ان سان ميّت جي دل وندرندي ڇوتہ آلو گاهہ اللّٰه پاڪ جي پاڪائي بيان ڪندو آهي جنهن سان ميّت جي عذاب ۾ گهٽتائي ايندي آهي ۽ ان جي دل خوش ٿيندي آهي.

(مدني مذاڪرو، 13 رجب شريف 1444ھ)

(6) پنهنجن مرحومن جي قبرن تي پيالا رکڻ ڪيئن آهي؟

سوال: بعض ماڻهو پنهنجن مرحومن جي قبرن تي پيالا رکي ڇڏيندا آهن، جن ۾ هُو پاڻي وجهي ڇڏيندا آهن تہ پکي وغيره پاڻي پيئندا تہ ان جو ثواب ميّت کي ملندو. ڇا اهو تصور صحيح آهي ۽ ڇا واقعي ان جو ثواب ميّت کي ملندو آهي.؟

جواب: حديث پاڪ ۾ آهي تہ هر تر جگر ۾ اجر(ثواب) آهي.

(بخاري، 103/4،حديث:6009)

يعني پکين کي بہ پاڻي پيئارڻ، داڻا کارائڻ ثواب جو ڪم آهي، پر قبر جي مٿان پيالو وغيره نہ رکيو وڃي، بلڪ قبر کان هٽي ڪري پيالو وغيره ٻڌايو وڃي ۽ ان جي سارسنڀال بہ ٿيندي رهي، ان ۾ پاڻي وڌو ويندو رهي ۽ پکي پيئندا رهن تہ اهڙيءَ طرح ايصالِ ثواب جي صورت بڻبي، جڏهن تہ ايصالِ ثواب جي نيت ڪئي وئي هجي.

(مدني مذاڪرو، 13 رجب شريف 1444ھ)

(7) مقيم امام جي پويان مسافر قصر نماز پڙهندو يا پوري؟

سوال: مسافر مقيم امام جي پويان ظهر جي نماز پڙهي رهيو هجي ۽ مسافر جون ٻه رڪعتون نڪري وڃن ته پوءِ هو قصر پڙهندو يا پوريون چار پڙهندو؟

جواب: جيڪڏهن ڪو مسافر امام جي پويان چار رڪعتون فرض پڙهندو آهي ته هاڻي ان ڪي پوريون چار رڪعتون ئي پڙهڻيون پونديون، پلي ٻه رڪعتون نڪري ويون هجن، پوريون چار ئي پڙهڻيون پونديون

(مدنی مذاکره، 13رجب شريف 1444ھ)

(8) آستين سان منهن اُگهڻ ڪيئن آهي؟

سوال: وضو ڪرڻ کان پوءِ آستين سان پاڻي صاف ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: جسم تي پاتل ڪپڙن سان وضو جو پاڻي صاف ڪرڻ يا هونئن ئي هٿ منهن اُگهڻ مناسب نه آهي، اهڙي عمل سان حافظو ڪمزور ٿيندو آهي.

(الکشف والبيان، ص31)

البته اهو شرعاً گناهه نه آهي.

(مدنی مذاکره، 15 جُمادَی الاُخریٰ1445ھ)



# غريبن جو خيال رکو

دينِ اسلام هڪ ڪامل ۽ اڪمل ۽ الله پاڪ جو پسنديده دين آهي، جنهن جي باري ۾ پاڻ الله پاڪ ارشاد فرمايو: ﴿اَلْیَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِیْنَكُمْ وَ اَتْمَمْتُ عَلَیْكُمْ نِعْمَتِیْ وَ رَضِیْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِیْنًاؕ﴾

ترجموڪنزالايمان: اڄ مون اوهان لاءِ اوهان جو دين مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ڇڏي ۽ اوهان لاءِ اسلام کي دين پسند ڪيو.

(پ6،المآئدة 3)

هن ڪامل ۽ اڪمل دين پنهنجي روشن تعليمات جي ذريعي جتي هر مُسلمان سان خيرخواهي ڪرڻ جو حڪم ڏنو أتي بطور خاص غريب مسڪين ماڻهن جو خيال رکڻ ۽ انهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جو بہ حڪم ڏنو. ڪوڙ سارا اهڙا ڪم آهن جن ۾ اسان غريب مسڪينن سان خيرخواهي ڪندي انهن جي ضرورتن کي پورو ڪري انهن جو خيال رکي سگهون ٿا، ان سان انهن جي دل خوش ٿيندي ۽ مسلمان جي دل

سيد بهرام حسين عطاري مدني

خوش ڪرڻ جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي جيئن تہ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ جي نظر ۾ فرضن جي ادائيگي کان پوءِ سڀني کان افضل عمل مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آهي.

(معجم ڪبير،59/11، حديث:11079)

اسلام ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي کارائڻ، پاڻي پيئارڻ ۽ لباس پهرائڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن مسلمان ڪنهن بي لباس مسلمان کي ڪپڙا پارايا، الله پاڪ ان کي جنتي لباس پارائيندو. جنهن ڪنهن بکئي مسلمان کي کاڌو کارايو، الله پاڪ ان کي جنتي ميوو کارائيندو. ۽ جنهن ڪنهن اُڃاري مسلمان کي پاڻي پياريو، الله پاڪ ان کي مهر لڳل پاڪيزه شراب پياريندو.

(ابوداؤد،180/2، حديث: 1682)

اسلام ۾ غريبن جي ڏکن جي تدبير ڪرڻ ۽ انهن کي قرضن جي بار کان آزاد ڪرڻ جي پڻ ترغيب ڏني وئي آهي. جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ کي سڀني کان وڌيڪ پسنديده عمل ڪنهن بکئي مسڪين کي کاڌو کارائڻ، ان کي قرض کان نجات ڏيارڻ يا ان جو غم دور ڪرڻ آهي.

(معجم کبير، 218/3، حديث:3187)

غريبن جي حاجت پوري ڪرڻ ۽ انهن کان تڪليفون دور ڪرڻ اسلام جو خوبصورت طريقو آهي جيئن ته رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي، نه ان تي ظلم ڪري ۽ نه ان کي ظالم جي حوالي ڪري. جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي حاجت روائي ڪندو، الله پاڪ ان جي حاجت روائي ڪندو. جيڪو شخص مسلمان کان ڪنهن تڪليف کي دور ڪري الله پاڪ قيامت جي تڪليفن مان ان جي هڪ تڪليف دور ڪندو. جنهن ڪنهن مسلمان جي پرده پوشي ڪئي، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي پرده پوشي فرمائيندو.

(بخاری، 126/2، حديث: 2442)

شادي مرادي يا عيد وغيره خوشيءَ جي موقعن تي غريبن کي پنهنجين خوشين ۾ شامل ڪيو چو ته ان سان جتي انهن جي دلين ۾ خوشي پيدا ٿيندي اتي الله پاڪ جي رحمت سان توهان جي خوشين کي ٻه چار چنڊ لڳندا ۽ توهان کي حقيقي خوشي نصيب ٿيندي. عام طور تي خوشيءَ جي موقعن تي دعوتن ۾ اميرن کي گهرايو ويندو آهي ۽ غريبن کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي، انهيءَ ڪري حديث پاڪ ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي: بُرو کاڌو ان وليمي جو کاڌو آهي، جنهن ۾ مالدار ماڻهن کي سڏيو وڃي ۽ فقيرن کي ڇڏيو وڃي.

(بخاری، 455/3، حديث:5177)

الله ڪريم اسان کي اسلام جي هن روشن تربيت ۽ تعليم "غريبن جو خيال رکو" تي عمل ڪندي معاشرتي استحڪام ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ غريبن جو خيال رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.





# ٻارڙين کي محفوظ ڪيو!

بلال حسين عطاري مدني

ننڍين ڇوڪرين جي حوالي سان هر روز افسوسناڪ خبرون تو هان تائين به ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ضرور پهتيون هونديون، اهڙين خبرن جو سامهون اچڻ يقينًا اسان جي سماج جي خوفناڪ صورتحال کي ظاهر ڪري ٿو، اهڙي صورتحال ۾، اسان کي پنهنجي ڇوڪرين جي حوالي سان تمام گهڻي احتياط ڪرڻ گهرجي، ڪجھ تدبيرون هيٺ لکيون پيون وڃن، ملاحظ ڪيو.

**(1)** ٻارڙين جي تعليم جي لاءِ ڪڏهن به ڪنهن مرد ٽيچر کي مقرر نه ڪيو. ٻارڙي ننڍي هجي يا وڏي، دنياوي تعليم هجي يا قرآن ۽ حديث جي تعليم، ان جي تعليم جي لاءِ عورت ٽيچر جي ئي خدمت حاصل ڪيو. بعض اوقات دنياوي تعليمي ادارن ۾ انهن پروٽوڪولز جي رعايت ڪرڻ مشڪل ٿي سگهي ٿو جو ڪٿي گڏيل تعليمي نظام آهي ته معاذالله ڪٿي ميوزڪ ۽ ڊانس جا ڪلاس. اَلحَمدُلله! دعوت اسلامي جي هر طرح جي تعليمي اِدارن ۾ ٻارڙين جي لاءِ فيميل ٽيچرز مقرر آهن. دنياوي تعليم جي لاءِ دارالمدينہ، ديني تعليم جي لاءِ مدرسة المدينہ ۽ جامعة المدينہ جڏهن ته آن لائن پڙهڻ جي لاءِ فيضان آن لائن اڪيڊمي اوهان جي خدمت جي لاءِ حاضر آهي.

**(2)** ٻارڙين کي اڪيلو سامان وٺڻ لاءِ گهران ٻاهر وڃڻ جي اجازت نه ڏيو، هميشه والد يا وڏي ڀاءُ سان گڏ موڪليو. ۽ جڏهن ڪجھ وڏيون ٿيڻ لڳن يا صحت مند هجڻ ڪري وڏيون نظر اچڻ لڳن ته پوءِ سندن ضرورت جون شيون پاڻ گهر آڻڻ جو بندوبست ڪريو.

**(3)** گهر ۾ هجن يا ٻاهر وڃي وڃڻو پوي، هر حالت ۾ ٻارڙين کي مناسب ڪپڙا پارائڻ جو بندوبست ڪريو. تنگ ۽ ننڍا ڪپڙا پارائڻ کان مڪمل طور پاسو ڪريو. هميشه خلاصا ڍگها ۽ ننڍي ڳلي وارا ڪپڙا ڍاهيو.

**(4)** قريب البلوغ ٻارڙين کي مرد سئوٽن ماساتن سان ميل جول رکڻ ۽ کيڏڻ کُڏڻ کان باز رکو ۽ نامحرم مائٽن سان موٽرسائيڪل تي هرگز نه ويهاريو.

(5) مھمان طور ایندڙ ماڻھن کي اھڙو موقعو فراھم نہ ڪيو جو اھي ٻارڙين سان ھٿ جو مذاق ڪن. ست يا اٺ سال جي ٻارڙين کي اھڙي تربيت ڏيو جو ھو ايندڙ مرد مھمانن سان صرف زباني طور سلام کي ڪافي سمجھن ۽ ھٿ ملائڻ کان پاسو ڪن.

(6) ٻارڙين کي گھر ۾ محرم مائٽن جي سامھون رئو پائڻ ۽ ان کي صحيح سنڀالڻ جي خاص مشق ڪرائيندا رھو! اھو انداز نہ ھجي تہ رئو ڳچيءَ ۾ لٽڪيل ھجي بلڪ اھڙي طريقي سان ھجڻ گھرجي جو مناسب طور تي سڄي جسم کي ڍڪي. ان سلسلي ۾ ھڪ سنو ريڊي ميڊ اسڪارف پڻ وٺي سگھجي ٿو يا گھر ۾ تيار ڪري سگھجي ٿو. ھي ڪجھ تدبيرون آھن، جن ۾ اوھان پاڻ بہ اضافو ڪري سگھو ٿا. الله پاڪ اسان جي ڌيئرن کي سدائين خوشحال ۽ آباد رکي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# ذي رحم
# رشتيدارن جا حقوق

محمد فيصل فاني بدايوني
(درجو عالميہ سال اوّل جامعة المدينہ پيراگون سٽي لاهور)

ذو رحم يعني ويجهن مائٽن جا حق اسلام ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. قرآن ۽ حديثن ۾ انهن سان سنو سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن جا حق ادا ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن اسان هڪ ٻئي جي حقن جو خيال رکون ته معاشري ۾ امن، پيار ۽ محبت جو ماحول قائم ٿي سگهي ٿو. هتي حديثن جي روشنيءَ ۾ ذو رحم مائٽن جا 5 حق پيش ڪيا پيا وڃن :

(1) **صلہ رحمي:** حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو شخص اهو چاهي ٿو ته ان جي رزق ۾ فراخي ٿئي ۽ ان جي عمر ڊگهي ٿئي، ته ان کي گهرجي ته صلہ رحمي ڪري. (بخاري، 97/4، حديث: 5985)

(2) مائٽن جي مدد ڪرڻ: حضرت سلمان بن عامر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن اوهان مان ڪو روزو افطار ڪري ته ان کي گهرجي ته کجور سان افطار ڪري چوته اهو برڪت وارو آهي، ۽ جيڪڏهن کجور نہ هجي ته پاڻي سان افطار ڪري چوته اهو پاڪ ڪندڙ آهي. پوءِ فرمايائون: مسڪين کي صدقو ڏيڻ فقط صدقو آهي، پر مائٽن کي صدقو ڏيڻ تي ٻہ دفعا صدقي جو ثواب آهي، هڪ صدقي جو ۽ ٻيو صلہ رحمي جو.(ترمذی، 142/2، حديث: 658)

(3) رشتيداري ڳنڍيو: حضرت عقبه بن عامر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: (رشتيداري جو حق اهو آهي ته) جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي، توهان ان سان تعلق ڳنڍيو ۽ جيڪو توهان کي محروم ڪري، توهان ان کي عطا ڪيو ۽ جيڪو توهان تي ظلم ڪري، توهان ان کي معاف ڪيو. (ڏسو: مسند احمد، 654/28، حديث: 17452)

(4) والدين جي دوستن جي عزت: حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بهترين نيڪي اها آهي ته انسان پنهنجي والد سان محبت ڪرڻ وارن سان سنو سلوڪ ڪري. (ترمذي، 361/3، حديث: 1910)

(5) **معاف ڪرڻ ۽ درگذر ڪرڻ:** حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته هڪ شخص عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجا ڪجهه رشتيدار اهڙا آهن، جن سان مان تعلق جوڙيان ٿو ۽ اُهي مون سان تعلق ٽوڙين ٿا، مان انهن سان ڀلائي ڪيان ٿو ۽ اُهي مون سان برائي ڪن ٿا، مان انهن سان نرمي ڪيان ٿو ۽ اُهي مون سان بدتميزي ڪن ٿا. حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن واقعي ايئن آهي جيئن تون چئي رهيو آهين ته تون انهن کي ساڙيندڙ خاڪ کارائي رهيو آهين ۽ جيستائين تون ايئن ڪندو رهندين، الله پاڪ طرفان هڪ مددگار انهن جي مقابلي ۾ توسان گڏ رهندو. (مسلم، ص 1062، حديث: 6525)

الله پاڪ اسان سڀني کي پنهنجي رشتيدارن سان حسن سلوڪ ڪرڻ جي سعادت عطا فرمائي.

# روزانو ستر ڀيرا معاف ڪريو

هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: **يارسولَ الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان نوڪر کي گهٽا ڀيرا معاف ڪريون؟ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموش رهيا، ان وري اهو سوال پڇيو، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري خاموش رهيا، جڏهن ٽيون ڀيرو سُوال ڪيائين ته ارشاد فرمايائون: روزانو سَتَّر (70) ڀيرا. (سُنَنِ تِرمِذي ج 3 ص 381 حديث 1956)

مُفَسِّرِ شهير حڪيمُ الاُمت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: **عربيءَ ۾** "سَتَّر" جو لفظ زيادتي بيان ڪرڻ جي لاءِ هوندو آهي، يعني هر روز ان کي گهڻو معاف ڪريو. اهو ان صُورت ۾ جڏهن ته غلام کان ڀل ۾ غَلطي ٿي ويندي هجي، نفس جي شرارت جي ڪري نه هجي ۽ قصور به مالڪ جو ذاتي هجي، شَرِيعت، قومي ۽ ملڪي قصور نه هجي جو اهي قصور مُعاف نه ٿا ڪري سگهجن. (مراٰة ج 5 ص 170)